# ڪاغذ قلم

وارو واقعو

از افادات: علامہ علي شير حيدري شهيدؒ

ترتيب: مولانا طفيل احمد عثماني

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: كاغذ ۽ قلم وارو واقعو

ازافادات: علامہ علي شير حيدري شهيدؒ

مرتب : مولانا طفيل احمد عثماني

كمپوزنگ: ابو طلحہ عثماني

اشاعت : جون 2020

ناشر : اهل بيت پبليشر

# فهرست

عرض مرتب........................................7

واقعہ قرطاس جي حقيقت.............................. 9

ٻن ڳالهين مان هڪ کي مڃڻ .........................11

وصيت لکڻ ڇو نہ ڏني؟..................... .................12

لفظ أَهَجَرَ جي معنيٰ ..................................17

عمر سائينؓ جي موافقت ۾ حديث قرطاس.................. 21

ڇا نبي پاڪ ﷺ جن جو حڪم واجب هو؟.................... 23

نبي پاڪ ﷺ ڇا لکرائڻ هان.............................. 26

نبي ڪريم ﷺ جن جو حڪم وجوبي نہ هو.................28

ڇا اهو لکرائڻ ضروري هيو.............................. 28

حديث قرطاس ۽ حضرت عليؓ.............................. 30

حديث قرطاس ۽ خلافت صديق اڪبرؓ.......................... 31

اختلاف ڪنهن ڪيو؟.................................... 33

صلح حديبيه ۾ حضرت عليؓ.......................... 34
حضرت عليؓ کي تهجد پڙهڻ جو حڪم........................ 36
هڪ شخص کي قتل ڪرڻ جو حڪم.......................... 38
حڪم تي عمل نه ڪرڻ جو هڪ ٻيو واقعو.................. 39
هر ڳالهه وحي نه هوندي آ............................... 41
حضرت موسىٰؑ ۾ عرض مصلحت............................ 43
واقع معراج ۾ دفع مشقت................................ 44
رفع صوت ۾ فوق صوت ۾ فرق........................... 45
نبي پاڪ ﷺ جن تي نه لڪرائڻ جو الزام.................. 46
سموري ڳالهه جو خلاصو................................. 47
هڪ سوال............................................... 48
سمجهڻ جي ڳالهه......................................... 50
آخري ڳالهه............................................... 51

# عرض مرتب

خالق ڪائنات انسان ذات جي تخليق فرمائي، ۽ اُن سان گڏ هيءُ به فيصلو فرمايو ته جيڪو شخص فرمانبرداريءَ سان زندگي گذاريندو اهو منهنجي انعامات ۽ اڪرام جو مستحق ٿيندو ۽ جيڪو نافرمان ٿيندو ابدي نقصان اُن جو مقدر بڻبو، آدم ؑ جي پيدائش کان وٺي اڄ ۽ قيامت جي صبح تائين حق ۽ باطل جو مقابلو رهيو آهي ۽ رهندو، هڪ چوڻي مشهور آهي ته " لِكُلِّ فِرْعُوْنَ مُوْسَىٰ " هر فرعون لاءِ موسىٰ آهي، ۽ هيءَ به سنت الله آهي ته دور آدم کان وٺي اڄ تائين حق ۽ باطل جي ٽڪراءُ ۾ فتح هميشه حق جي ٿي آهي ۽ آئنده به حق جي ئي ٿيندي (ان شاءَ الله)

اهلِ باطل اهل حق جي خلاف اعتراضات ۽ الزامات جي هميشه بازار گرم رکي آهي پر الله تعالىٰ به باطل کي انهيءَ باهه ۾ نيست و نابود ڪيو آهي، انهن اعتراضات مان هڪ اعتراض ڪاغذ قلم جي نالي سان ڪيو ويجي ٿو، ۽ بخاري شريف ڏيکاري جنهن مان غلط مطلب ڪڍي ڪري عام ۽سادي مسلمانن کي گمراهه ڪيو ٿو وڃي،مسلمانن کي گمراهيءَ جي دلدل مان ڪڍڻ لاءِ 2015۾ امام اهل سنت حضرت علامه علي شير حيدري شهيدؒ جو هڪ درس واقعه قرطاس جي نالي سان اردو ۾ تحرير ڪيو جنهن مان اهل علم خوب فائدو حاصل ڪيو، ليڪن اسان جا سنڌي ماڻهو خاص ڪري ٻهراڙيءَ وارا ان مان فيض وٺي نه سگهيا، ان ڪري ۽ خاص ڪري علامه عبد

الجبار حيدري صاحب جي حڪم تي حضرت علامہ علي شير حيدري شهيدؒ جي درس واقعہ قرطاس ڪي سنڌيءَ ۾ تحرير ڪيو، ان ڪان علاوه هن درس ۾ ٻين ڪتابن مان پڻ استفادو حاصل ڪيو آهي، هِن موضوع تي ان شاءَ الله ٻئي ڪنهن ڪتاب ڪي ڏسڻ جي ضرورت پيش نہ ايندي، آخر ۾ اهل علم حضرات ڪي گذارش آهي تہ هن ڪتابچہ ۾ حتي الامڪان ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ غلطين جو امڪان باقي نہ رهي، پر پوءِ بہ دوران مطالعہ جيڪڏهن ڪا غلطي نظر اچي تہ اُن جو اطلاع ڏيڻ فرمائيندا، ۽ اُن ڪي مرتب جي غلطي تصور ڪئي وڃي، آخر ۾ آءُ پنهنجي هِن حقير محنت ڪي امام اهل سنت حضرت علامہ علي شير حيدري شهيدؒ جي نانءُ ۽ پنهنجي والدين جي نانءُ ڪيان ٿو، رب تعاليٰ هن ڪتابچہ ڪي شرف قبوليت بخشي ۽ هر عام ۽ خاص ڪي هن مان استفادو حاصل جي توفيق عطا فرمائي (آمين)

والسلام

ابو طلحہ طفيل احمد عثماني

# واقعہ قرطاس جي حقيقت

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سوال: اصحابن سڳورن ﷽ رضوان الله عليهم اجمعين نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪاغذ قلم ڇو نہ ڏنو. ان جي حقيقت ڇا آهي؟

جواب : اها روايت صحيح بخاري ۾ 7جڳهن تي آيل آهي ۽ ان جو راوي حضرت عبدالله ؓ بن عباس ؓ آهي جنهن ۾ حضرت ابن عباس ؓ فرمائي ٿو تہ خميس جو ڏينهن هيو ۽ ان ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جي مرض ۾ شدت هئي فرمايائون تہ پين پنو ڪٽي ڏيو تہ توهان کي هڪ تحرير لکي ڏيان تہ جيئن بعد ۾ توهان گمراهہ نہ ٿيو. تہ ان وقت گهر ۾ جيڪي موجود هيا انهن ۾ اختلاف ٿيو ڪنهن چيو تہ ڪاغذ قلم ڪٽي ڏيو ۽ ڪنهن چيو تہ نبي ڪريم ﷺ جن کي تڪليف آهي اسان کي الله سائين جو قرآن ڪريم ڪافي آهي ۽ دين مڪمل ٿي چڪو آهي ان ڪري سائين ﷺ جن کي تڪليف نہ ڏيو ۽ ڪنهن چيو تہ ڇا نبي ڪريم ﷺ جن اسان کي ڇڏيو ٿا وڃن. سائين ﷺ جن کان پڇيو تہ سهي.مطلب تہ پاڻ ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مون کي ڇڏي ڏيو جنهن حال ۾ آهيان اهو بهتر آهي جنهن طرف توهان مون کي وٺي وڃڻ چاهيو ٿا ۔

اها روايت جيڪا ڪتب حديث ۾ مختلف طريقن سان روايت ٿيل آهي ۽ سڀني جو آخري راوي حضرت عبدالله بن عباس ؓ آهي حالانڪ جنهن

وقت اهو واقعو ٿيوان وقت حضرت ابن عباسؓ جي عمر 12يا 13سال هئي. تہ ڇا نابالغ ٻار جي اڪيلي سر شهادت قابل قبول آهي ۽ اهو بہ ان وقت جڏهن حضور ڪريمﷺ جن ڪي مرض الموت جي شدت هئي حالانڪ ان نازڪ موقعي تي تہ تمام صحابہ ڪرامؓ ۽ اهل بيت رسولﷺ جن جو موجود هجڻ ضروري هيوۃ اها ڳالھ بہ ناممڪن آهي تہ ان نازڪ وقت تي اهي سڀ موجود نہ هجن. جڏهن اهي سڀ صحابہؓ ۽ اهل بيتؓ جن ۾ حضرت علي المرتضیٰؓ بہ شامل آهي ڪنهن هڪ بہ ان اهم واقعي جي روايت بيان نہ ڪئي آهي.حالانڪ اهڙن موقعن تي وڏا وڏا شخص موجود هوندا آهن ۽ ننڍن ٻارن ڪي ان موقعي تي جڳھ ملڻ مشڪل هوندي آهي.

تہ ڇا هڪ نابالغ ٻار جي روايت ڪي وٺي ڪري جليل قدر صحابہ ڪرامؓ ۽ اهل بيت عظامؓ جي پاڪ هستين تي اعتراض ڪرڻ انسانيت آهي؟

ان اهم واقعي جي روايت تمام صحابہ ڪرامؓ ۽ اهل بيت عظامؓ مان سواءِ حضرت عبدالله بن عباسؓ جي ٻئي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي آهي. ۽ وري ابن عباسؓ جي هزارن شاگردن مان صرف ان جو پٽ عبيدالله ۽ سعيد بن جبير ان جا ناقل آهن ٻيو ڪير بہ روايت نہ ٿو ڪري

انهن ڳالهين تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ عقل سليم ٻن ڳالهين مان هڪ ڪي ميڃڻ تي مجبور آهي

# پڻ ڳالهين مان هڪ کي مڃڻ

(1) يا تہ هيءُ قصو بلڪل ئي غلط آهي ڇو تہ دين ڪامل مڪمل ٿي
چڪو آهي ۽ ڪا بہ اهڙي تحرير ضروري نہ هئي ۽ نہ ئي نبي
ڪريم ﷺ جن آيت قرآني جي خلاف ڪنهن تحرير جي لکڻ جو
ارادوظاهر فرمايو. هيءُ قصو محض بي بنياد ۽ دين جي دشمنن جي
سازش هئي ۽ محض ان لاءِ ٺاهيو ويو تہ جيئن آيت قرآني **اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ** جي تڪذيب ٿي سگهي ۽ حضور ڪريم ﷺ جن تي بہ
تبليغ رسالت ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جو الزام لڳائي سچي دين اسلام کي
ئي مشڪوڪ بڻائي ڇڏجي. (خلفاءِ راشدين از علامہ خالد محمود صاحب جلد اول صفحہ366)

(2)يا وري حضوراڪرم ﷺ جن محض پنهنجن شاگردن (صحابہ
ڪرامؓ اهل بيتؓ) جو امتحان وٺڻ لاءِ فرمايو هجي تہ ڪاغذ قلم ڪٽي
ڏيو تہ آءُ اوهان کي هڪ اهڙي ضروري تحرير لکي ڏيان، جو ان کان
پوءِ ڪڏهن گمراهہ نہ ٿيندؤ. در حقيقت نہ ڪا اهڙي ضروري تحرير
باقي هئي ۽ نہ نبي پاڪ ﷺ جن جو لکڻ جو ارادو هو بلڪ محض
امتحان مقصد هيو. تہ هيءُ منهنجا شاگرد ايمان ۾ ڪيتري
قدرمضبوط آهن. جيڪڏهن اڪابر صحابہؓ ان تحرير جي لکڻ جي لاءِ
آماده ٿين ها تہ نبي ڪريم ﷺ جن کي وڏي تڪليف ۽ رنجش ٿئي
ها ۽ فوراََفرمائن ها تہ **اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ** جي نازل ٿيڻ کان پوءِ بہ
اوهان ڪنهن تحرير جي لکڻ جا منتظر آهيو؟ ۽ دين اسلام کي ڪامل

نہ ٿا سمجهو؟ مگر الحمدلله صحابہ ڪرامؓ ۽ اهل بيت عظامؓ ان امتحان ۾ بدرجہ اعليٰ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيا.(شيعيت کا علمی جائزہ62)

# وصيت لکڻ ڇو نہ ڏني؟

سوال:نبي ڪريم ﷺ جن وصيت لکرائڻ پيا ۽ حضرت عمر فاروقؓ لکڻ نہ ڏني جيڪڏهن اها لکي وڃي هان تہ گمراهي ختم ٿي وڃي ها حضرت عمر فاروقؓ وصيت لکڻ ڇو نہ ڏني؟

جواب: سڀ ڪان پهريائين ڏسبو تہ نبي ڪريم ﷺ جن اها وصيت جڏهن لکرائڻ پيا تہ اُن وقت سائين جن ڪاٿي هيا ۽ سائين جن وٽ موجود ڪير هيا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن کي حڪم ڏنو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن ڇا پيا لکرائڻ چاهن!

تہ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ ڪٽي ڏيو ۽ ان وقت نبي ڪريم ﷺ جن کي مرض جي شدت هئي ۽ نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجي گهر ۾ هيا اُن وقت گهر ۾ ڪافي مرد موجود هيا جن ۾ حضرت عباسؓ ۽ حضرت عليؓ بہ شامل هيا تہ پاڻ ﷺ فرمايو تہ «ائْتُونِي بِكِتَابٍ أَكْتُبُ لَكُمْ (صحيح البخاری حديث نمبر3053) ائْتُونِي جمع جو لفظ آهي جنهن مان مراد گهر جا سڀ افراد(اهل بيت) آهن ڪوئي خاص هڪ فرد مراد ناهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن گهر جي سڀني فردن کي مخاطب ٿيندي ارشاد فرمايو (ائْتُونِي بِكِتَابٍ أَكْتُبُ لَكُمْ)

هاڻي ڏسبو تہ نبي پاڪ ﷺ جن جي ان فرمان جو مصداق مخاطب اول ڪير آهي حڪم تہ سڀني گھر جي فردن کي هيو پر سڀ کان وڌيڪ حق ڪنهن جو هيو؟ تہ سڀ کان وڌيڪ حق ان جو هوندو جيڪو لکڻ لکائڻ جو ڪم ڪندو هجي يعني جيڪو سيڪيٽري هجيءِ جنهن جو گھر بہ ويجهو هجي يا پاڻ گھر جو فرد هجي يعني اهل بيت مان هجي يا قريب البيت هجي.

نبي پاڪ ﷺ جن جڏهن حڪم فرمايو تہ ان وقت پاڻ سڳوراﷺ پنهنجي گھر ۾ هياءِ جيڪڏهن گھر ۾ مهمان بہ هجن تہ جيڪڏهن ڪو ڪم چيو ويندو تہ اهو گھر جي ڪنهن فرد کي ئي چيو ويندو، نہ ڪي ٻاهرين آيل مهمان کي.ظاهر ڳالھ آهي تہ ڪم گھر جي ڀاتين کي ئي چيو ويندو جيڪي گھر ۾ رهندا هجن.

ءِ چيو بہ اُن کي ويندو جيڪو عمر ۾ ننڍو بہ هجي تہ هاڻي ڏسو! تہ اهل بيت ۾ يعني گھر جو فرد ڪير آهي ؟ ءِ گھر ڪنهن جو قريب آهي؟ لکڻ لکائڻ جو ڪم ڪنهن جو آهي؟ءِ عمر ۾ ننڍو ڪير آهي؟

انهن سڀني سوالن جو جواب آهي . حضرت علي المرتضیٰؓ جيڪو اهل بيت ۾ بہ آهي ءِ قريب البيت بہ آهي لکڻ لکائڻ جو ڪم بہ حضرت علي سائينؓ جو هو ءِ سڀني کان عمر ۾ ننڍو بہ حضرت علي سائينؓ هيو.

تہ نبي پاڪﷺ جي ان فرمان ﴿اِئۡتُونِي بِكِتَابٍ أَكۡتُبُ لَكُمۡ﴾جو مخاطب سڀ کان اول حضرت علي سائينؓ آهي، پيين پني کٽي ڏيڻ جو ڪم حضرت علي سائينؓ جو هو.حضرت عمر سائينؓ ان فرمان جو مخاطب نہ هو ڇو تہ

ان جو گهر بہ ويجهو نہ هو ۽ لکڻ لکائڻ جو کم بہ حضرت عمرؓ جو نہ هو. جڏهن حضرت علي سائينؓ نہ اٿيا تہ حضرت عمر فاروقؓ حضرت علي سائينؓ جي وکالت کندي فرمايو تہ جيکڏهن کو نوجوان نہ ٿو اٿي تہ کا ڳالهہ نہ آهي نبي کريم ﷺ جن کي تکليف آهي وڌيک نبي کريم ﷺ جن کي تکليف ڏيڻ جي کهڙي ضرورت آهي نبي کريم ﷺ جن قرآن کريم اسان کي ڏئي ويا آهن ان ۾ سڀ کجهہ موجود آهي اهو اسان لاءِ کافي آهي نبي کريم ﷺ جن کي تکليف نہ ڏيو.

۽ اها ڳالهہ سڀني کي خبر آهي تہ حضرت علي سائينؓ نبي پاڪ ﷺ جن جا سيڪيٽري هيا ، ۽ حديبيہ جي مقام تي حضرت علي سائينؓ لکڻ جا فرائض سرانجام ڏنا ، تہ نبي پاڪ ﷺ جن مرض وفات ۾ کاغذ قلم گهريو تہ اوهان کي کجهہ لکي ڏيان ، تہ بعد ۾ امت گمراهہ نہ ٿئي، ظاهر ڳالهہ آهي تہ کاغذ قلم کڻي ڏيڻ جي ذمہ داري حضرت عليؓ سائين جي هئي پر علي سائينؓ ان لاءِ آماده نہ ٿيا تہ متان مان کاغذ قلم کڻڻ وڃان ۽ نبي سائين ﷺ پٺيان وفات کري وڃن، ان طلب قرطاس ۾ بہ احتمال آهن هڪ هيءُ تہ حضور کريم ﷺ جن قرآن مجيد جي باري ۾ صحابہ کرامؓ جو امتحان وٺي رهيا هيا تہ قرآن تي انهن جو اعتماد ڪيترو آهي، ڇوتہ قرآن کريم جي هوندي انهن کي گمراهہ ٿيڻ جو کوبہ خطرو نہ آهي، الله تعاليٰ مسلمانن کي ان لاءِ تہ قرآن کريم ڏنو تہ اهي گمراهہ نہ ٿين، جيئن قرآن کريم جي هيءَ آيت کافي آهي " يُبَيِّنُ اللهُ لَكُمْ أَنْ تَضِلُّوْا "(نساء) ٻيو احتمال هيءُ آهي تہ

نبي پاڪ ﷺ دين جون محڪمات ڳالهيون پهريائين ٻڌايون هيون انهن مان بعض جي وڌيڪ وضاحت ڪرڻ فرمائن پيا. صحابہ ڪرامؓ ٻہ بي قراري هئي تہ حضور ڪريمﷺ جن جو حڪم آهي تہ ڪاغذ قلم کڻي ڏيو تہ اوهان کي ڪجھ لکي ڏيا. پر حضرت عليؓ نہ پيا اٿن. حضرت علي سائينؓ جو فڪر خيال پيو هيو جيڪو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. تاهم انديشو اهو ٿيو تہ متان ڪاغذ قلم کڻي نہ ڏيڻ تي حضرت عليؓ جي مخالفت ٿي پئي. ان ڪري حضرت عمرفاروقؓ حضرت عليؓ کي مخالفت کان بچائڻ لاءِ قرآن ڪريم جي مذڪوره يقين دهاني جي طرف توجھ ڏياريو ۽ عرض ڪيو " حَسْبُنَا كِتَابُ اللهِ " اسان کي قرآن ڪريم جي بشارت ڪافي آهي ۽ اسان ان سبب جي ڪري گمراھ نہ ٿينداسون. ۽ هن وقت نبي سائين ﷺ جن کي تڪليف آهي وڌيڪ تڪليف نہ ڏيو. جيڪڏهن نبي سائين ﷺ جن ڪا ڳالھ فرمائڻ چاهن ٿا تہ اسان اُن کي زباني سمجهي سگهون ٿا

هيءُ سمورو جواب حضرت عليؓ کي اعتراض کان بچائڻ لاءِ ڏنو ويو تہ حضور ڪريمﷺ جي حڪم باوجود ڪاغذ قلم کڻي ڇو نہ ڏنو. ان لاءِ حضرت عمر فاروقؓ **حسبی کتاب الله** نہ چيو بلڪ حَسْبُنَا كِتَابُ اللهِ، چيو. جنهن مان معلوم ٿيو تہ جمع جي صيغي مان ڪنهن ٻئي کي ان يقين ۾ داخل ڪرڻ هيو. ۽ ان ۾ حضرت عليؓ ۽ تمام صحابہ ڪرامؓ جي نمائندگي هئي.

حضرت عمر فاروقؓ جي ان انداز مان حضرت علي سائينؓ جي مجبوري کي لڪائڻ انهن ٻنهي جي دلي لڳاءُ ۽ محبت معلوم ٿئي ٿي. ان ڪان

پوءِ حضرت عليؓ حضور ڪريم ﷺ جن کي زباني ارشاد فرمائڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ حضور ڪريمﷺ جن جيڪا ڳالھ لکرائڻ پيا اھا زباني ارشاد فرمائي عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ، قَالَ : أَمَرَنِي النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ آتِيَهُ بِطَبَقٍ يَكْتُبُ فِيهِ مَا لَا تَضِلُّ أُمَّتُهُ مِنْ بَعْدِهِ، قَالَ : فَخَشِيتُ أَنْ تَفُوتَنِي نَفْسُهُ، قَالَ : قُلْتُ : إِنِّي أَحْفَظُ وَأَعِي . قَالَ : أُوصِي بِالصَّلَاةِ، وَالزَّكَاةِ، وَمَا مَلَكَتْ أَيْمَانُكُمْ(مسند احمد جلد2 صفحہ105) حضرت عليؓ کان روايت آھي تہ مون کي نبي پاڪ ﷺ جن حڪم فرمايو تہ ڪاغذ قلم ڪٽي اچو تہ ڪجھ لکي ڏيان تہ جيئن بعد ۾ امت گمراھ نہ ٿئي، پر مون کي خوف ٿيو تہ جيڪڏھن ڪاغذ قلم کڻڻ ويس تہ متان نبي پاڪ ﷺ جن وفات ڪري وڃن ۽ آخري ڳالھ ٻڌڻ کان محروم ٿي ويندم، ان ڪري پين پنو کڻڻ نہ ويس ۽ مون عرض ڪيو تہ سائين جن ارشاد فرمائن (مان) ان کي ياد ڪندم، پوءِ سائين جن نماز ۽ زڪوات ۽ غلامن جي متعلق وصيت فرمائي(خُلفاءِ راشدين از علامہ خالد محمود صاحب جلد اول338)

# لفظ أَهَجَرَ جي معنيٰ

سوال: ان وقت نبي ڪريمﷺ جن ڏي ھڪ نامناسب لفظ جي نسبت ڪئي وئي جيڪا شان مصطفيٰ (ﷺ) جي خلاف آھي جنھن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي بي ادبي آھي

جواب:اھڙو ڪوبہ لفظ ان وقت نہ ڳالھايو ويو جيڪو شان مصطفيٰﷺ جي خلاف ھجي.باقي ھڪ لفظ حديث مبارڪ ۾ آھي

جنهن جو ترجمو غلط ڪيو ويو آهي. اهو لفظ (أَهَجَرَ)آهي (ھ جي زبر سان)جنهن جي معني آهي ڇڏڻ ،هجرت ڪرڻ، موڪلائڻ، ٻيو لفظ آهي(أَهْجَرَ)(ھ جي جزم سان) جنهن جي معنيٰ آهي اجايو ڳالهائڻ، وڦلڻ،بي مقصد ڳالهائڻ(قاموس الوحيدصفحہ1741)

هاڻي ڏسجي تہ حديث مبارڪ ۾ ڪهڙو لفظ آيل آهي قَالَ اشْتَدَّ بِرَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَجَعُهُ، فَقَالَ : «ائْتُونِي بِكَتِفٍ أَكْتُبُ لَكُمْ كِتَابًا لاَ تَضِلُّوْا بَعْدَهُ أَبَدًا» ، فَتَنَازَعُوْا، وَلاَيَنْبَغِي عِنْدَ نَبِيٍّ تَنَازُعٌ، فَقَالُوْا : مَالَهُ أَهَجَرَ اِسْتَفْهِمُوْهُ) تہ حديث جي هر ڪتاب ۾ تہ لفظ أَهَجَرَ(ھ جي زبر سان)آيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڇڏڻ ،هجرت ڪرڻ، موڪلائڻ، پوءِ نبي پاڪﷺ جي گهر مبارڪ ۾ جيڪي شخص هيا انهن مان گهڻن چيو تہ سائين جن کان پڇو تہ سهي ڇا سائين جن هن دنيا مان موڪلايون ٿا وڃن جو اهڙيون ڳالهايون ٿا ڪن.

ڇا اوهان دنيا کي ڇڏي وڃي رهيا آهيو انهن شخصن چيو جيڪي لکرائن پيا، انهن کي جيڪي لکرائڻ جا مخالف هيا تہ ڇا نبي ڪريم ﷺ جن اجايو ٿا ڳالهائن. سائينﷺ جن کان پڇي وٺو.

أَهَجَرَجي معنيٰ هذيان يعني بڪ بڪ ونڻ اها وڏي بي وقوفي آهي ڇو تہ أَهَجَرَلفظ کان پوءِ اِسْتَفْهِمُوهُجو لفظ آهي عبارت جو مطلب آهي تہ حضور ڪريمﷺ جن جو ڇا حال آهي ڇا سائين ﷺ جن دنيا مان هجرت ٿا فرمائن سائين ﷺ کان پڇي تہ وٺو. جيڪڏهن أَهَجَرَجي معنيٰ هذيان وٺبي تہ اِسْتَفْهِمُوهُ(پڇي تہ وٺو) جي معنيٰ ڇا ڪندؤ ڇو تہ

جنهن شخص جي متعلق هيءُ گمان هجي تہ ان جو دماغ ڪم نہ ٿو ڪري تہ پوءِ ان ڪان پڇڻ جو ڇا مطلب؟ تہ اِسْتَفْهِمُوهُ لفظ عقل وارن لاءِ ڪافي آهي.

۽ جيڪڏهن أَهَجَرَ جي معنيٰ هذيان وٺبي تہ پوءِ حضرت عليؓ ۽ حضرت عباسؓ تي اعتراض ٿيندو تہ انهن جي سامهون نبي پاڪ ﷺ جن جي بي ادبي ٿي. ۽ انهن ڪجھ نہ ڪيو نہ اُن وقت ۽ نہ ئي بعد ۾ ڪجھ ڪيو.

ان ڪان علاوه هيءَ ڳالھ پڪي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جي زبان اطهر مان ڪوئي غلط لفظ نہ ٿو نڪري سگهي لهٰذا حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ سائين ﷺ جن ڪان پڇي وٺو تہ سائين ﷺ جن ڇا ٿا لکرائڻ چاهين. ٻيو احتمال هيءُ بہ آهي جيڪي لکڻ جي مخالف هيا انهن جي اها ڳالھ بطور استفهام انڪاري جي ڇئي هجي (ڇو تہ أَهَجَرَ ۾ همزه استفهامي آهي ) يعني نبي ڪريم ﷺ جن اجايو ڳالھ ڇو ڪندا سائين جو اهو فرمان سمجھ ۾ نہ آيو ان ڪري سائين ﷺ ڪان پڇي ڏسو تہ واقعي سائين ﷺ ڪجھ لکرائڻ چاهين ٿا يا ڪو ٻيو مطلب آهي

نبي ڪريم ﷺ جن الله تعاليٰ جا احڪام الله تعاليٰ جي طرف منسوب ڪري ذڪر ڪندا هيا ان الله امرني ان اكتب لكم كتاباً لن تضلوا بعدي مانعين تحرير ان شبھ ۾ پيا تہ ممڪن آهي تہ نبي ڪريم ﷺ

جن پنهنجي عادت مبارڪ جي مطابق فرمايو هجي پر اسان کي سمجھ ۾ نہ آيو آهي ان ڪري سائين جن کان پڇي ڏسو

۽ هيءَ ڳالھ بہ قطعي طور تي سڀ ڪنهن جي علم ۾ هئي تہ حضور ڪريم ﷺ جن سڄي زندگي نہ ڪا تحرير لکي ۽ نہ ئي سائين جن کي ان جي مشق هئي ۽ نہ ئي لکڻ جو هُنر سائين جن کان ڪڏهن ظاهر ٿيو ڇو تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي اُمّي هجڻ جي شاهدي قرآن ڪريم پاڻ ڏني آهي پوءِ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن لکڻ جي نسبت پاڻ ڏي ڪئي ۽ فرمايو أَكْتُبْ لَكُمْ كِتَابًا لَا تَضِلُّوا بَعْدَهُ أَبَدًا مان اوهان جي لاءِ هڪ تحرير لکان) تعجب جي ڳالھ هئي تہ آخر ان فرمان مبارڪ جو ڇا مطلب آهي سائين تہ هذيان کان تہ پاڪ آهن ان ڪري حضور ڪريم ﷺ جن کان پڇڻ گھرجي(تحفہ اثنا عشري اردو561)

ان کان علاوه هيءَ بہ نبي پاڪ ﷺ جن جي عادت مبارڪ هئي تہ قرآن ڪريم کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ لکرائيندا هيابلڪ قرآن ڪريم کان سواءِ ٻئي ڪنهن تحرير کي پڙهڻ بہ پسند نہ ڪندا هيا هڪ دفعي حضرت عمر فاروقؓ توريت جي هڪ ڪاپي ڪٽي ان کي پڙهڻ شروع ڪيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن ان جي پڙهڻ کان منع فرمائي

تہ ان واقعي ۾ نبي پاڪ ﷺ جن کان ڪافي ڳالهيون خلاف عادت ظاهر ٿيون ان ڪري حاضرين مجلس مان ڪنهن چيو تہ سائين جن کان ان فرمان جي متعلق وضاحت معلوم ڪريو تاڪہ اسان ان ارشاد تي پوري طرح عمل ڪريون ۽ ڪوبہ اشڪال باقي نہ رهي

# عمر سائينؓ جي موافقت ۾ حديث قرطاس

هيءُ واقعو خميس جي ڏينهن جو آهي ان کان پوءِ سومر تائين نبي کريمﷺ جن حيات آهن کافي ڳالهيون ٿينديون رهيون نبي کريمﷺ جن سومر جي ڏينهن تائين نہ ڪائي شيءِ لکرائي ۽ نہ حضرت علي سائينؓ بعد ۾ پين پنو ڪٽي ڏنو ۽ نہ ئي سائين جن ان جي گُهر ڪئي ان مان معلوم ٿيو تہ جهڙي طرح ڪافي ڳالهيون حضرت عمر سائينؓ جي موافقت ۾ وحي ٿي ڪري نازل ٿيون (مثلا جنگ بدر جي قيدين جي متعلق ۽ مقام ابراهيم تي ٻہ رڪعتون نفل پڙهڻ ۽ پردي جي متعلق حضرت عمرفاروقؓ جي مشوري مطابق قرآن ڪريم جو نازل ٿئڻ يا جيئن تہ صحيح مسلم ۾ حضرت ابو هريرةؓ کان روايت آهي تہ نبي پاڪﷺ جن فرمايو تہ «اذْهَبْ بِنَعْلَيَّ هَاتَيْنِ، فَمَنْ لَقِيتَ مِنْ وَرَاءِ هَذَا الْحَائِطِ يَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ مُسْتَيْقِنًا بِهَا قَلْبُهُ، فَبَشِّرْهُ بِالْجَنَّةِ »(صحيح مسلم حديث نمبر39 )منهنجا ٻئي جوتا ڪٽي وڃ ۽ جيڪو بہ توکي هن باغ کان ٻاهر ملي ۽ اهو هن ڳالھ جي گواهي ڏيندو هجي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي ۽ ان ڳالھ تي يقين رکندو هجي تہ ان کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ تہ ان لاءِ جنت آهي ابو هريره سائينؓ فرمائي ٿو تہ آئون جوتا مبارڪ ڪٽي ٻاهر نڪتس تہ سڀ کان پهرين مون کي حضرت عمر فاروقؓ مليو اُن فرمايو ابو هريرةؓ جوتا ڪنهن جا آهن؟ مون چيو: تہ رسول ﷺ جن جا آهن ۽ ماڻهن کي هيءَ بشارت ٻڌايان اهو ٻڌي حضرت عمرؓ پنهنجو هٿ منهنجي سيني تي زور سان هنيوآءُ وڃي پوئين پير ڪري پيس پوءِ چيائون: اي ابوهريرةؓ رسولﷺ جن

وٽ واپس هليو وڃ آئون واپس رسولﷺ جن وٽ آيس روئڻ وارو هيس ته پويان کان حضرت عمرؓ به اچي ويو رسولﷺ جن سان سڄو احوال کيم پوءِ رسول ﷺ حضرت عمرؓ کي فرمايو ته تو ائين ڇالاءِ ڪيو؟ هُن عرض ڪيو ته اوهان تي منهنجا والدين قربان ٿين ائين نه ڪيو مون کي خوف آهي ته ماڻهو ان تي ڀروسو ڪري ويهندا هنن کي ڇڏي ڏيو ته ڀل ته عمل ڪن پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو ته ٺيڪ آهي هنن کي عمل ڪرڻ ڏيو ته ڏسو نبي پاڪ ﷺ جن جي فرمان مطابق ابو هريرهؓ وڃي رهيو هو پر حضرت عمرؓ اُن کي روڪيو ۽ شدت سان روڪيو ۽ پوءِ نتيجو ڇا نڪتو ته نبي پاڪ ﷺ جن حضرت عمرؓ تي ناراض ٿيڻ بجا حضرت عمرؓ جي ڳالهه جي موافقت فرمائي ) اهڙي طرح هن واقعي ۾ به لکڻ گهرجي يا نه لکڻ گهرجي نبي ڪريمﷺ جن حضرت عمرؓ جي مشوري تي عمل فرمائيندي اهو لکڻ مناسب نه سمجهيو ان ڪري نه اُن وقت لکرايو ۽ نه ئي بعد ۾ اهو لکرايو ويو ان ڪري هيءَ حديث حضرت فاروق اعظمؓ جي فضيلت بيان ڪري ٿي.

حضرت عمر سائينؓ حضرت علي سائينؓ جي تائيد ڪئي ۽ فرمايو ته نبي پاڪ ﷺ جن کي تڪليف نه ڏيو ۽ بعد ۾ نبي پاڪ ﷺ جن ڪا به شيءِ نه لکرائي ورنه! ائين ٿي نه ٿو سگهي ته الله تعاليٰ جو حڪم هجي لکڻ جو ۽ نبي پاڪﷺ جن نه لکرائن ائين ٿي نه ٿو سگهي

ان جو مطلب آهي ته هيءَ حديث ته عمر سائينؓ جي فضائل ۾ آهي موافقات عمرؓ ۾ آهي ۽ ٿيو به اهڙي طرح جو حضرت علي سائينؓ تي فرض هيو ته ڪاغذ قلم ڪڻي ڏي جيڪڏهن نبي پاڪ ﷺ جو حڪم

هيو كاغذ قلم كٽي ڏيڻ جو تہ اهو ذمو هيو حضرت علي سائينؓ جو .
ان اهو كم نہ كيو حضرت عمرؓ سائين علي سائينؓ جو دفاع كيو
ليكن ان حديث كي وٺي كري دين اسلام جا دشمن حضرت عمر
سائينؓ تي الزام هڻن ٿا حالانك اهي الزام اعتراض حضرت عمر فاروق
تي نہ آهن بلكہ خود حضرت علي سائينؓ تي آهن

## ڇا نبي پاك ﷺ جن جو حكم واجب هو؟

پهريائين هيءُ سمجهڻ گهرجي تہ نبي پاك ﷺ جن جو حكم كنهن
خاص فرد كي هو يا سڀني كي ؟ ان لاءِ كتب حديث ۾ هك لفظ
ائْتُونِي آيل آهي جيكو جمع جو صيغو آهي جنهن مان مراد ان وقت گهر
۾ موجود سمورا فرد آهن جهڙي طرح حضرت عمر فاروقؓ آهي اهڙي
طرح حضرت عباسؓ ۽ حضرت عليؓ بہ آهي تہ كاغذ كٽي ڏيڻ جو
حكم تہ سڀني كي هيو پر كنهن بہ كٽي كونہ ڏنو وجہ كهڙي بہ
هجي پر ان حكم تي عمل تہ كنهن بہ نہ كيو جيكي كاغذ قلم كٽي
ڏيڻ جي خلاف هيا انهن بہ كونہ ڏنو ۽ جيكي كاغذ قلم كٽي ڏيڻ
جي حق ۾ هيا انهن بہ كونہ ڏنو تہ هاڻي اهل بيت (گهر ۾ موجود فردن)
جون بہ جماعتون ٿيون هكڙا كاغذ قلم كٽي ڏيڻ كي لازم ضروري
پيا سمجهن ۽ پيا نبي كريم ﷺ جن جي حكم كي امر وجوبي نہ پيا
سمجهن بلكہ شفقت سمجهن پيا

پوءِ جيكي ضروري سمجهن پيا اهي كٽي ڏيڻ تي زورتہ ڏين پيا
يعني نبي كريم ﷺ جن جي حكم كي امر وجوبي سمجهن پيا اهي

ٻين کي چون پيا تہ ڪٽي اچو پر ڪٽي پاڻ بہ ڪو نہ آيا تہ انهن مان هڪڙا اهي ٿيا جيڪي ان حڪم کي امر وجوبي نہ سمجهن پيا ۽ هڪڙا اهي ٿيا جيڪي نبي ڪريمﷺ جن جي حڪم کي امر وجوبي ضروري سمجهن پيا تہ وڏيڪ اعتراض ڪنهن تي ٿيندو؟ ظاهر ڳالھ آهي ان تي جيڪو ضروري سمجهي پيو

پوءِ انهن ٻنهين جماعتن ڪاغذ قلم ڇو نہ ڪٽي ڏنو؟ جڏهن نبي پاڪﷺ جن جو حڪم هيو ڪٽي ڏيڻ جو انهن ڇو نہ ڪٽي ڏنو؟ چون ٿا تہ حضرت عمر فاروقؓ منع ڪئي ان ڪري ڪٽي ڪو نہ ڏنو هيءُ اعتراض هڪ ٻيو ٿيو تہ نبي پاڪﷺ جي حڪم جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي جو حڪم مڃڻ

تہ ڪاغذ قلم ڪٽي ڏيڻ جو حڪم سڀني کي هو جيڪڏهن ان تي عمل نہ ڪرڻ جي ڪري گنهگار ٿيا تہ سڀ ٿيا ۽ وڏيڪ گنهگاراُهي ٿيا جيڪي ڪٽي ڏيڻ کي لازم ضروري سمجهن پيا ۽ جيڪي ڪٽي ڏيڻ کي ضروري نہ سمجهن پيا انهن جو اجتهاد هيءُ هيو تہ هيءُ حڪم وجوبي نہ آهي تہ اهي گنهگار بہ نہ ٿيندا. پر جيڪڏهن ان جي باوجود بہ ڪوئي چوي تہ اهي گنهگار آهن تہ پوءِ جيڪي نبي پاڪ ﷺ جي حڪم کي واجب سمجهن پيا اُهي ڊبل گنهگار ٿيا پوءِ توهان هِنن جو دفاع ڪيو اسان هُنن جو دفاع ڪنداسين ڇو تہ حضرت عمرؓ جو اجتهاد هيءُ هيو تہ اهو حڪم واجب نہ آهي

ڪڏهن هيئن بہ هوندو آهي تہ حڪيم ڊاڪٽر پاڻ بيمار هوندو آهي ان کي تڪليف آهي اهو ڪنهن مريض کي نسخو ٿو ٻڌائي تہ هيءُ بہ ٿي دوائون کاءُ صحيح ٿي ويندي چڱو ڀلا تو کي لکي ٿو ڏيان پين پنو کڻي ڏئي . هاڻي هيءُ مريض ٿو چوي تہ حڪيم صاحب! اوهان مون کي ٻڌايو آهي مون کي ياد رهندو اوهان لکڻ جي تڪليف نہ ڪيو ڪاغذ قلم گهرائڻ جي تڪليف نہ ڪيو بس مون کي ياد آهي . تہ ڇا اهو مريض بي ادب آهي؟ڇا ان ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهہ کي غلط چيو؟ نہ ان کي رد ڇئبوءِ نہ ئي ان کي غلط ڇئبو بلڪہ ان کي ترسيح ڇئبو آهي ڪنهن کي آرام ڏيڻ مقصد هجي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هتي لکڻ جي ضرورت ڪانہ آهي اسان ڪافي سارا هتي ويٺا آهيون اوهان ڪجهہ فرمايو اسان ان کي ياد ڪنداسين دين اسلام مڪمل ٿي چڪو آهي ڪا نئي ڳالهہ ڪو نئو حڪم نٿو ٿي سگهي ان لاءِ اوهان تڪليف نہ ڪيو اڳلي کي آرام ڏيڻ مقصد هجي ان کي ترسيح ڇئبوآهي

# نبي پاڪ ﷺ ڇا لکرائڻ ها

ڇا اوهان ان ڳالهہ کي ڪڏهن سوچو آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن ڇا پيا لکرائڻ...جيڪو ڪجهہ اڳ ۾ فرمايو هيائون اُن مان ڪنهن حڪم کي منسوخ (ختم) ڪن ها؟...يا ان جي تاڪيد ڪرڻ فرمائڻ ها؟ ...يا ڪنهن نئي ڳالهہ جو حڪم فرمائڻ ها؟... ڪا نئي ڳالهہ هجي يا سابق حڪم کي منسوخ ڪن يا ان جي تاڪيد ڪن...انهن ڪان سواءِ ڪا ٻئي ڳالهہ نٿي ٿي سگهي... ڪا نئي ڳالهہ ڪو نئو حڪم اهو تہ ممڪن

ئي ڪونهي ڇو تہ ان کان پهريائين دين اسلام مڪمل ٿي چڪو آهي(**اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ**

ڪنهن حڪم ڪي نسخ (ختم) ڪرڻ اهو بہ ممڪن ڪونهي ڇو تہ دين مڪمل آهي

باقي رهيو تاڪيد: پهرين ڪنهن حڪم جو تاڪيد فرمائڻ ها تہ ڇا اهو تاڪيد حضرت علي سائينؓ جي خلافت جو هجي ها جيئن شيعہ چون ٿا تہ ان وقت نبي ڪريم ﷺ جن حضرت عليؓ جي خلافت تحرير ڪن ها

اسان انهن کان سوال ٿا ڪيون تہ ڇا اهو تاڪيد «**مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ**» جيڪو غدير خم ۾ هزارن ماڻهن جي سامهون ٿيو هو ان کان هيءُ وڏيڪ هو؟ جڏهن هيڏي وڏي مجمع ۾ اعلان ڪيو ويو تہ ڇا هيءُ اُن کان وڏيڪ حڪم هو؟ جڏهن اُن جو اثر نہ ٿيو تہ هِن جو اثر ڇا ٿيندو؟

اسان اهل سنت والجماعت جو عقيدو آهي تہ حضرت علي المرتضىٰؓ جي خلافت لڪرائڻ ها ، ائين ٿي نہ ٿو سگهي ، ڇو تہ جيڪڏهن علي سائينؓ جي خلافت لڪرائڻ ها تہ گهٽ ۾ گهٽ مصلو تہ علي سائينؓ جي حوالي ڪن ها ، ڪَلهہ جيڪو اعلان ٿيو بقول شيعن جي موليٰ هجڻ جو ، تہ نبي پاڪ ﷺ جن حضرت علي سائينؓ جي امامت جو حڪم تہ فرمائڻ ها ، پوءِ ڏسون ها ڪير ٿو پويان بيهي ڪير نہ ٿو بيهي ، اختلاف ٿئي ٿو يا نہ ، پر نبي پاڪ ﷺ جن حڪم ئي حضرت عليؓ کي نہ فرمايو ، بلڪ

حڪم حضرت ابوبڪر سائينؓ لاءِ فرمايائون **مُرُوْا أَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ** (ترمذي حديث نمبر3672) ان ڪري شيعن جو جيڪو وسوسو آهي اهو بلڪل فضول ۽ اجايو آهي

## نبي ڪريم ﷺ جن جو حڪم وجوبي نہ هو

نبي ڪريم ﷺ جن ان وقت نہ لکرايو ۽ فرمايائون بس ڇڏي ڏيو هليا وڃو، تہ ان جو مطلب هيءُ آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو اهو حڪم واجب نہ هو ڇو تہ ان کان پوءِ سومر تائين سائين جن حيات آهن پر نبي پاڪ ﷺ جن اهو حڪم ٻيهر نہ فرمايو يعني واجب نہ هو، جيڪڏهن لکرائڻ واجب ضروري هجي ها تہ ڪنهن جي اختلاف جي ڪري نبي پاڪ ﷺ جن ان کي ڇڏي نہ ڏين ها بلڪ هر حال ۾ ان کي لکرائن ها جيئن قرآن ڪريم ۾ الله سائين ارشاد فرمايو **بَلِّغْ مَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ مِنْ رَبِّكَ** (مائده67)

## ڇا اهو لکرائڻ ضروري هيو؟

هاڻي سوال هيءُ آهي نبي ڪريم ﷺ جن جنهن ڪم لاءِ ڪاغذ قلم طلب فرمايو، ڇا اهو ضروري ڪم هو ۽ ڇا الله تعاليٰ جو حڪم هو؟ يا ڪنهن مصلحت خاطر حضور ڪريم ﷺ جن لکرائڻ پيا ۽ پوءِ ملتوي ڪيو ويو، شيعہ چون ٿا تہ ان وقت حضور ڪريم ﷺ جن حضرت علي المرتضیٰؓ جي متعلق وصيت لکڻ چاهن پيا، پر اها ڳالھ شيعن

جي سخت خلاف آهي، ۽ ان ڳالھ ڪرڻ سان شيعن جا جيڪي دليل خلافت متعلق آهن سي سڀ مٽيءَ جا ڍير ٿي ويندا. ان ڳالھ ڪرڻ سان هيءُ بہ معلوم ٿيو تہ غدير خم واري ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن علي سائينؓ جي خلافت جو اعلان نہ ڪيو هو، ۽ نہ ئي ڪا حديث يا ڪا آيت اُن وقت تائين علي سائينؓ جي خلافت امامت لاءِ هئي، تڏهن تہ سائين جن کي هيءُ فڪر هيو تہ علي سائينؓ جي خلافت لاءِ وصيت لکي وڃي

شيعہ پنهنجي خيال ۾ تہ نبي ڪريم ﷺ جن خلافت جو فيصلو ڪرڻ چاهين پيا، پر ٻين دليلن کي پاڻ ئي غلط ثابت ڪيو. جڏهن وصيت لکي ئي نہ وئي تہ شيعن کي ناڪاميءَ کان سواءِ ڪجھ نہ مليو (آفتاب ہدایت363)

نہ خدا ہی ملا نہ وصال صنم نہ ادھر کے رہے نہ اُدھر کے

ان کان علاوه جيڪڏهن اها تحرير ضروري ۽ وحي الٰهي هئي تہ محض چند فردن جي اختلاف راءِ ڪري نبي ڪريم ﷺ جن ان ضروري حڪم الٰهي جي تعميل کان قاصر رهيا. تہ اهو الزام حضور ڪريم ﷺ جن تي ٿيو تہ حضور ﷺ جن تبليغ رسالت ۾ ڪوتاهي ڪئي، ۽ حضرت عليؓ ۽ ٻين اهل بيتن تي بہ اهو الزام ٿيندو تہ انهن ٻاهرين شخصن جي مخالفت جي ڪري رسول ڪريم ﷺ جي مدد نہ ڪئي، ۽ گهر جا فرد هجڻ جي باوجود ڪاغذ قلم ڪٽي نہ ڏنو(آفتاب ہدایت364)

۽ هيءَ ڳالهه پڪي ۽ قطعي ثبوت آهي تہ اها تحرير ڪا خاص ضروري نہ هئي، ورنہ نبي پاڪ ﷺ جن ان ڪان پوءِ چار ڏينهن زنده حيات رهيا، پر نبي ڪريم ﷺ جن ٻيهر ڪاغذ قلم طلب نہ فرمايو ۽ نہ ڪا وصيت لکرائي،

# حديث قرطاس ۽ حضرت عليؓ

باقي حضرت علي سائينؓ جي لاءِ خلافت جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، ۽ نہ ئي ڪوئي امڪان هيو، ڇوتہ سورت آل عمران آيت (128) لَيۡسَ لَكَ مِنَ الۡأَمۡرِ شَيۡءٌ جي تفسير ۾ شيعن پاڻ لکيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن چاهن پيا تہ مون ڪان پوءِ خليفو حضرت عليؓ ٿئي پر الله تعاليٰ انڪار ڪيو تہ عليؓ نہ، هيءُ ڪم اوهان جو نہ آهي جو جنهن کي چاهيو ان کي مقرر ڪيو، جڏهن پهريائين الله تعاليٰ انڪار ڪيو، تہ هاڻي علي سائينؓ جي لاءِ خلافت لکڻ جو تہ سوال ئي ڪو نہ ٿو ٿئي، ان ڪري حضرت عليؓ کي مصلو بہ ڪونہ ڏنو، ۽ ترجمہ مقبول ۽ تفسير قمي ۾ هن آيت وَإِذۡ أَسَرَّ النَّبِيُّ إِلَىٰ بَعۡضِ أَزۡوَاجِهِ حَدِيثًا(سورت تحريم3) جي تفسير ۾ شيعن پاڻ لکيو آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجي گهر واري حضرت حفصہ بنت عمرؓ کي فرمايو تہ ( إنابا بكر يلى الخلافة بعدى ثم من بعده ابوك) مون ڪان پوءِ خليفو ابوبڪرؓ ٿيندو ۽ ان ڪان پوءِ تنهنجو پيءُ( حضرت عمرؓ) ٿيندو. ۽ ان ڪان علاوه صحيح بخاري ۾ آهي تہ مرض الوفات وقت حضرت عباسؓ حضرت عليؓ کي فرمايو تہ آءُ نبي پاڪ ﷺ جن جي چهره مبارڪ مان وفات جا آثار ڏسي رهيو آهيان ان

ڪري هل تہ هلي نبي پاڪ ﷺ جن کان خلافت متعلق سوال ڪريون. فَقَالَ عَلِيٌّ: إِنَّا وَاللهِ لَئِنْ سَأَلْنَاهَا رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَمَنَعَنَاهَا لاَ يُعْطِينَاهَا النَّاسُ بَعْدَهُ، وَإِنِّي وَاللهِ لاَ أَسْأَلُهَا رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (بخاري شريف حديث نمبر4447)حضرت علي رض فرمايو تہ مان ان مسئلہ (خلافت) ۾ نبي پاڪ ﷺ جن کان هرگز سوال نہ ڪندم. الله جو قسم! جيڪڏهن نبي ﷺ ان معاملي(خلافت) ۾ اسان کي منع ڪئيتہ بعد ۾ ڪڏهن بہ اسان کي ان جو موقعو نہ ملندو.ان ڪري آءُ هرگز سوال نہ ڪندم. اها روايت شيعن جي متعدد ڪتابن ۾ ملي ٿي مثلا *معرفة الامام از سيد طر ااني. انتصار. سيرت امير المومنين علي بن ابي طالب. حسن بن علي* وغيره

## حديث قرطاس ۽ خلافت صديق اڪبر رض

باقي جيڪڏهن اهو ميجون بہ تہ حديث قرطاس ۾ خلافت جي ڳالھ آهي تہ اها خلافت صديق اڪبر رض جي لاءِ ئي آهي ڇو تہ صحيح مسلم ۾ هڪ حديث آهي جنهن ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت عائشہ رض کي فرمايو عَنْ عَائِشَةَ، قَالَتْ: قَالَ لِي رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: فِي مَرَضِهِ ادْعِي لِي أَبَا بَكْرٍ، أَبَاكِ، وَأَخَاكِ، حَتَّى أَكْتُبَ كِتَابًا، فَإِنِّي أَخَافُ أَنْ يَتَمَنَّى مُتَمَنٍّ وَيَقُوْلُ قَائِلٌ: أَنَا أَوْلَى، وَيَأْبَى اللهُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ إِلَّا أَبَا بَكْرٍ (مسلم شريف فضائل ابو بڪر صديق رض)حضرت امان عائشہ صديقہ رض کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي بيماري ۾ فرمايو! تون پنهنجي والد ابوبڪر رض کي سڏاءِ ۽ پنهنجي ڀاءُ کي بہ، تان تہ آئون هڪ ڪتاب(تحرير) لکان. آئون ڊڄان ٿو

ڪٿي(خلافت جي) آرزو ڪرڻ وارو آرزو نہ ڪري. ۽ ڪو بہ چوڻ وارو اهو نہ چئي تہ آئون خلافت جو وڌيڪ حقدار آهيان . الله تعاليٰ انڪار ڪري ٿو ۽ مسلمان بہ انڪار ڪن ٿا. سواءِ ابوبڪرؓ جي ڪنهن ٻئي جي خلافت لاءِ. يَأْبَى اللهُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ إِلَّا أَبَا بَكْرٍ الله بہ انڪار ڪندو ۽ مومن بہ انڪار ڪندا ابوبڪرؓ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي قبول نہ ڪندا لهٰذا لکڻ جي ضرورت ڪونہ آهي(شيعہ ڪتب بحارالانوار، احقاق الحق) حضرت ابوبڪرؓ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي نہ الله قبول ڪندو ۽ نہ ئي مؤمن قبول ڪندا ان ڪري لکڻ جي ضرورت ڪونہ آهي. پوءِ نبي ﷺ ڪونہ لکرائيو. ۽ جيڪڏهن لکرائن ها تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ جي خلافت لکرائن ها. ان تي قرينو بہ موجود آهي خميس جي شام نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجو مصلو حضرت ابوبڪرؓ جي حوالي ڪيو عشاء جي نماز ابوبڪر صديقؓ پڙهائي. جمعہ جو خطبو جمعي جون سموريون نمازون ڇنڇر جون سموريون نمازون آچر جون سموريون نمازون ابوبڪر صديقؓ پڙهايون سومر جي فجر نماز تائين. جيڪڏهن خلافت لکرائن ها تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ لاءِ لکرائن ها. ڪنهن ٻئي لاءِ نہ

# اختلاف ڪنهن ڪيو؟

حديث ۾ اختلاف ۽ گوڙ کي اهل بيت جي طرف منسوب ڪيو ويو آهي، حديث جا الفاظ هيءُ آهن فَاخْتَلَفَ أَهْلُ الْبَيْتِ فَاخْتَصَمُوْا اهل بيتن

اختلاف ڪيو ۽جهڳڙو ڪرڻ لڳا) تہ تعجب آهي تہ ٻين جڳهن تي اهل بيت مان مراد حضرت عليؓ حضرت امان فاطمہؓ ۽ حسنين ڪريمينؓ آهن پر هتي اهل بيت مان حضرت عمر فاروقؓ ۽ ان جا طرف دار مراد وٺي ڪري اختلاف ۽ جهڳڙي جو اُن ڪي ذمي وار ڇيو ٿو وڃي، (افسوس صد افسوس)

مطلب تہ هنن الزامن ڪي حضرت عمر فاروقؓ جي طرف منسوب ڪرڻ شيعن جي سخت بي انصافي آهي، ڇوتہ حديث ۾ **تَنَازَعُوْا، اِخْتَصَمُوْا قَالُوْا** وغيره جا الفاظ سڀ جمع جي صيغي جا استعمال ٿيل آهن جنهن مان سمورا حاضرين حجره رسول(ﷺ) مراد آهن.جن ۾ حضرت علي المرتضیٰؓ ۽ بنو هاشم وغيره بہ هيا، سڀ برابر جا شريڪ آهن، جيڪڏهن قصور آهي تہ سڀني جو، جيڪڏهن نہ، تہ ڪنهن جو بہ نہ آهي،(آفتاب ہدایت365)

# صلح حديبيہ ۽ حضرت عليؓ

۽ جيڪڏهن ڪوئي چوي تہ نبي پاڪ ﷺ جن جي حڪم تي عمل نہ ٿيو ۽ اهو نافرماني جي زمري ۾ اچي ٿو تہ پوءِ حضرت علي سائينؓ لاءِ ڇا چوندو، جڏهن حضرت علي سائينؓ نبي پاڪﷺ جي حڪم تي عمل نہ ڪيو، صلح حديبيہ جي لکڻ وقت ڪافرن اعتراض ڪيو تہ

رسول الله جو لفظ اسان برداشت نہ ڪنداسين. اها روايت اهل سنت ۽ شيعن جي معتبر ڪتابن ۾ لکيل آهي صحيح بخاري ۾ آهي تہ فَلَمَّا كَتَبُوا الكِتَابَ، كَتَبُوا هَذَا مَا قَاضَى عَلَيْهِ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ، فَقَالُوا : لاَ نُقِرُّ بِهَا، فَلَوْ نَعْلَمُ أَنَّكَ رَسُولُ اللهِ مَا مَنَعْنَاكَ، لَكِنْ أَنْتَ مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ، قَالَ : «أَنَا رَسُولُ اللهِ، وَأَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ » ، ثُمَّ قَالَ لِعَلِيٍّ : «امْحُ رَسُولُ اللهِ » ، قَالَ : لاَ وَاللهِ لاَ أَمْحُوكَ أَبَدًا ، فَأَخَذَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الكِتَابَ، فَكَتَبَ هَذَا مَا قَاضَى عَلَيْهِ مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ ،(صحيح بخاري حديث نمبر2699) جڏهن صلح نامو لکڻ شروع ٿيو تہ ان جي منڍ ۾ لکيو ويو هيءُ صلح نامو آهي جنهن تي الله جو رسول محمد راضي آهي تہ مکي وارن چيو تہ اسان تہ ان کي ڪونہ ٿا مڃون. جيڪڏهن اسان ڄاڻون ها تہ توهان الله جا رسول آهيو. تہ توهان کي ڇو روڪيون ها . پر اوهان تہ محمد بن عبدالله آهيو. نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو مان الله جو رسول آهيان ۽ عبدالله جو پٽ آهيان پوءِ حضرت علي سائينؓ کي حڪم فرمايو تہ رسول الله جو لفظ ڊاهيو. حضرت عليؓ عرض ڪيو لاَ وَاللهِ لاَ أَمْحُوكَ أَبَدًا الله جو قسم مان ڪڏهن بہ ان کي نہ ڊاهيندم. پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن اهو ڪاغذ پنهنجي هٿ ۾ وٺي پاڻ لکيو محمد بن عبدالله (شيعہ ڪتاب حيات القلوب اردو جلد 2 صفحہ646)

صلح حديبيہ ۾ ڪاتب لکڻ وارو حضرت عليؓ آهي ۽ حڪم بہ حضرت عليؓ کي آهي ۽ صيغہ واحد سان آهي (حالانڪہ حديث قرطاس ۾ حڪم نہ ئي حضرت عمرؓ کي آهي ۽ نہ ئي صيغہ واحد سان آهي بلڪہ جمع جي صيغہ سان آهي) شيعن جي ڪتاب حملہ حيدري ۾ ان کان وڌيڪ

واضح لکيل آهي تہ ڪافرن اعتراض ڪيو تہ محمد رسول الله(ﷺ)
چو لکيو اٿوَ ،محمد بن عبدالله لکو، ان تي جهڳڙو ٿيو ، حضرت عليؓ
انهن کي گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳو، بهرڪيف نبي ڪريم ﷺ جن ڏٺو تہ
حضرت عليؓ کاوڙيل ۽ وڏي جوش ۾ آهي، متان هيءُ صلح ۽ معاهدو
هيڏي هُوڏي نہ ٿي وڃي ، نبي پاڪ ﷺ جن مسڪرائيندي حضرت
عليؓ کي فرمايو انهن جي ڳالھ غلط آهي انهن جو اعتراض غلط آهي
پر مون کي قبول آهي، اوهان رسول جو لفظ ختم ڪيو، حضرت عليؓ
فرمايو اي الله جا رسول(ﷺ) اوهان جو حڪم الله جو حڪم آهي ، پر
مان اِن کي ختم نہ ٿو ڪري سگهان (حملہ حيدري صفحہ 127) تہ جناب!
بخاري شريف ۾ تہ هيءُ هيو تہ مان اِن کي ڊاهي نہ ٿو سگهان پر حملہ
حيدري واري تہ صاف لکيو آهي تہ اوهان جو حڪم الله جو حڪم آهي
پر ان جي باوجود بہ آءُ ان کي نہ ڊاهيندم،

# حضرت عليؓ کي تهجد پڙهڻ جو حڪم

اهڙي طرح نسائي شريف ۾ ۽ بخاري شريف ۾ حضرت زين العابدينؒ
روايت ٿو ڪري حضرت حُسينؓ ۽ حضرت عليؓ کان أَخْبَرَنِي عَلِيُّ بْنُ حُسَيْنٍ،
أَنَّ حُسَيْنَ بْنَ عَلِيٍّ، أَخْبَرَهُ : أَنَّ عَلِيَّ بْنَ أَبِي طَالِبٍ أَخْبَرَهُ : أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ طَرَقَهُ وَفَاطِمَةَ بِنْتَ النَّبِيِّ عَلَيْهِ السَّلاَمُ لَيْلَةً، فَقَالَ : «أَلاَ تُصَلِّيَانِ» فَقُلْتُ: يَا
رَسُولَ اللهِ، أَنْفُسُنَا بِيَدِ اللهِ، فَإِذَا شَاءَ أَنْ يَبْعَثَنَا بَعَثَنَا، فَانْصَرَفَ حِينَ قُلْنَا ذَلِكَ
وَلَمْ يَرْجِعْ إِلَيَّ شَيْئًا، ثُمَّ سَمِعْتُهُ وَهُوَ مُوَلٍّ يَضْرِبُ فَخِذَهُ، وَهُوَ يَقُولُ : {وَكَانَ الإِنْسَانُ
أَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا }(ترجمو: حضرت عليؓ فرمائي ٿو تہ رسول ﷺ جن هڪ

رات اسان وٽ تشريف فرما ٿيا. ۽ فرمايائون ته اوهان ٻئي (فاطمہؓ ۽
عليؓ) نماز ڇونه ٿا پڙهو؟ مون چيو ته يارسول اللهﷺ اسان جون
جانيون الله جي قبضي ۾ آهن جڏهن الله چاهيندو تڏهن اسان
اُٿنداسين. جڏهن مون اهو چيو ته رسول اللهﷺ جن واپس هليا ويا. ۽
پنهنجو هٿ مبارڪ ران تي هڻندي فرمائڻ پيا ته انسان سڀ کنهن
کان وڌيڪ جهڳڙالو آهي (بخاري شريف حديث نمبر1127) ۽ نسائي شريف ۾
آهي قَالَ: دَخَلَ عَلَيَّ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَى فَاطِمَةَ مِنَ اللَّيْلِ،
فَأَيْقَظَنَا لِلصَّلَاةِ، ثُمَّ رَجَعَ إِلَى بَيْتِهِ فَصَلَّى هَوِيًّا مِنَ اللَّيْلِ فَلَمْ يَسْمَعْ لَنَا حِسًّا، فَرَجَعَ
إِلَيْنَا فَأَيْقَظَنَا، فَقَالَ: «قُومَا فَصَلِّيَا»، قَالَ: فَجَلَسْتُ وَأَنَا أَعْرُكُ عَيْنِي، وَأَقُوْلُ: إِنَّا
وَاللهِ مَا نُصَلِّي إِلَّا مَا كَتَبَ اللهُ لَنَا، إِنَّمَا أَنْفُسُنَا بِيَدِ اللهِ، فَإِنْ شَاءَ أَنْ يَبْعَثَنَا بَعَثَنَا،
قَالَ: فَوَلَّى رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَهُوَ يَقُوْلُ :وَيَضْرِبُ بِيَدِهِ عَلَى فَخِذِهِ :
«مَا نُصَلِّي إِلَّا مَا كَتَبَ اللهُ لَنَا»، {وَكَانَ الْإِنْسَانُ أَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا} حضرت عليؓ
فرمائي ٿو ته رسول اللهﷺ جن هڪ رات مون کي ۽ فاطمہؓ کي نماز لاءِ
اٿاري ڪري پاڻ واپس گهر ويا. ڪافي دير تائين نماز ادا ڪندا رهيا
جڏهن اسان جي اٿڻ جو آواز نه ٻڌائون ته ٻيهر تشريف فرما ٿيا ۽
فرمايائون ته اٿو نماز پڙهو. حضرت عليؓ فرمائي ٿو ته آءُ اٿي وينم ۽
اکين کي مهٽيندي چيم ته اسان ايتري نماز پڙهنداسين جيتري الله
سائين اسان جي مقدر ۾ لکي آهي ۽ اسان جي جان به الله جي قبضي ۾
آهي اهو جڏهن چاهيندو ته اسان اٿنداسين. ان تي نبي سائينﷺ
پنهنجو هٿ ران تي هڻندي فرمائيندا ويا : «مَا نُصَلِّي إِلَّا مَا كَتَبَ اللهُ لَنَا
{وَكَانَ الْإِنْسَانُ أَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا} (نسائي شريف حديث نمبر1612) ته هن حديث جو
جواب ڇا آهي؟ حڪم به خاص حضرت عليؓ کي آهي . خاص حڪم

هوندي بہ ان تي عمل نہ ٿيو؟ ان جو جواب جيڪو هوندواهو ئي جواب حديث قرطاس لاءِ ملندو.

## هڪ شخص کي قتل ڪرڻ جو حڪم

اهڙي طرح حضرت بيبي ماريہ قبطيہؓ وٽ بيبي صاحبہ جو سوٽ ملڻ ايندو هيو. ماڻهن غلط سلط ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون. نبي ڪريم ﷺ جنکي بہ خبرون پهتيون. شيعن جي ڪتاب درر والغرر ۾ لکيل آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت عليؓ کي تلوار ڏئي ڪري فرمايو (خذها السيف والنطلق فان وجدته عندها فقتله )تہ جيڪڏهن اهو ان وٽ هجي تہ ان کي قتل ڪر. حضرت عليؓ فرمائي ٿو تہ جڏهن آءُ اُتي پهتم تہ اهو سمجهي ويو تہ عليؓ مون کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو. تهيچي ڪري ڪجيءَ جي وڻ تي چڙهي ويو ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪجيءَ تان هيٺ اڇلايائين. جڏهن هينڪريو تہ ان جون ٽنگون مٿي ٿي ويون شلوار(سُٿڻ) جو زمانو ڪونہ هيو . حضرت عليؓ فرمائي ٿو تہ (لاقليل ولا ڪثير) اُن وٽ تہ ڪاشيءِ ئي ڪونہ هئي. حضرت عليؓ فرمائي ٿو تہ آءُ تلوار ميان ۾ وجهي واپس اچي نبي ڪريم ﷺ جن کي احوال ڏنو. پوءِ نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو ( فقال الحمد لله الذى يصرف ان رجس اهل البيت) الله تعاليٰ جوشڪر آهي جنهن اهل بيت کان پليتيءَ کي پري ڪيو. بيبي صاحبہ تي جيڪو الزام لڳو اهو غلط ثابت ٿيو. ان مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ بيبي ماريہؓ اهل بيت ۾ آهي حالانڪ حضور ڪريم ﷺ جن جي ٻانهي آهي . جڏهن ٻانهي اهل بيت ۾ شامل آهي

تہ پوءِ حضور ﷺ جن جون گھرواريون اهل بيت ۾ شامل ڇو ڪونہ آهن؟ ۽ هيءُ بہ معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم ﷺ جن بہ عالم الغيب نہ آهن. ۽ هيءُ بہ معلوم ٿيو تہ تلوار ڏئي ڪري حضرت عليؓ کي حڪم فرمايو( فقتله) تہ ان کي قتل ڪر.پر حضرت عليؓ اُن کي قتل نہ ڪيو اجتهاد ڪيو. قتل ڪرڻ جي جيڪا وجہ هئي اها اُن ۾ نہ هئي.تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو حڪم هيو ۽ جي هر حڪم وحي آهي ۽ عمل نہ ڪرڻ جي ڪري ان کي بي ادب چوندو تہ حضرت عليؓ اِن تي عمل ڇونہ ڪيو؟

# حڪم تي عمل نہ ڪرڻ جو هڪ ٻيو واقعو

ان ساڳي ڪتاب دررو الغرر جيڪو شريف مرتضىٰ جو لکيل آهي . ان ۾ ۽ بحارالانوار ۾ آهي تہ هڪ دفعي حضرت امان فاطمہؓ تي تمام گھڻو فاقو آيو. بيبي صاحبہ ڏاڍي پريشان هُئي. نبي پاڪ ﷺ جن امان فاطمہ وٽ تشريف فرما ٿيا. ۽ نبي پاڪ ﷺ جن بيبي صاحبہ کي 7 درهم ڏنا ۽ فرمايو تہ جڏهن (حضرت) عليؓ اچي تہ اهي پيسہ 7درهم اُن کي ڏيندا تہ انهن مان گھر وارن لاءِ کاڌو وٺي اچي.جڏهن حضرت عليؓ گھر آيو.تہ فرمايائين تہ مون کي گھر۾ خوشبو ٿي اچي.ڇا نبي ڪريم ﷺ آيا هيا؟ بيبي صاحبہ فرمايو جي ها سائين ﷺ آيا هيا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪجھ پيسہ ڏئي ويا آهن تہ اوهان اسان لاءِ کاڌو وٺي اچو.حضرت عليؓ بيبي صاحبہ کان 7 درهم وٺي ڪري فرمايو بسم الله والحمد الله كثيرا طيبا، وهذا من رزق الله عزوجل)، ثم قال (يا حسن قم

معنى(بحار الانوار جلد 41 صفحہ 46)حضرت حسنؓ کي بہ گڏ ورتو ۽ الله جو شکر کندا بازار ۾ پهتا. جڏهن بازار ۾ پهتا حضرت عليؓ ڏٺو تہ هڪ فقير صدا هڻي رهيو آهي . حضرت عليؓ حضرت حسنؓ کي فرمايو تہ هيءُ سمورا درهم ان فقير کي ڏئي اچ. حضرت حسنؓ سمورا درهم اُن فقير کي ڏئي آيو. هاڻي هڪ سوال آهي تہ اهي درهم حضرت عليؓ جا تہ نہ هيا بلڪ حضور ﷺ جن جا هيا يا حضرت امان فاطمہؓ جا هيا. حضرت عليؓ کي ان کري مليا تہ بازار مان کاڌو وٺي اچي. حضرت عليؓ مال غير ۾ بغير اجازت جي تصرف کيو ۽ حقوقِ اعيال جي حق تلافي کئي. اعيال کي تہ کمائي کارائڻ گهرجي. کن جيڪو اعيال جو هجي اهو بہ ٻين کي ڏئي ڇڏجي. تہ ان مان قطعي رحمي ثابت ٿئي ٿي ۽ حکم رسول الله ﷺ جي مخالفت.حکم هيو تہ کاڌو وٺي اچ. اهو حکم تہ نہ هيو تہ فقير کي ڏئي ڇڏ.

تہ انهن سڀني واقعن ۾ رسول الله ﷺ جو حکم آهي ۽ حکم بہ خاص حضرت عليؓ کي آهي ان جي باوجود بہ حضرت عليؓ انهن تي عمل نہ کيو پوءِ بہ انهن واقعن کي حضرت عليؓ جي فضائل ۾ شمار کيو وڃي ٿو. پوءِ جتي حکم بہ عام هجي ۽ رسول کريم ﷺ جن کي آرام پهچائڻ مقصد هجي تکليف کان بچائڻ مقصد هجي اتي اعتراض ڇو ٿو کيو وڃي.

اسان تہ چئون ٿا تہ حضرت عليؓ سائين جي محبت هئي پيار هيو، پر توهان (شيعہ) جو چئو ٿا تہ پيغمبر جيڪو چوي،اُن تي هرحال ۾ عمل کبو،جيڪڏهن نہ کيائين تہ اهو بي ادب آهي، پوءِ هاڻي ٻڌايو

تہ حضرت عليؓ ان فرمان رسول تي عمل ڇونہ ڪيو،عليؓ سائين لاءِ ڇا حڪم لڳائيندو؟

# هر ڳالهہ وحي نہ هوندي آهي

قرآن ڪريم ۾ آهي وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ هيءُ ديني ڪمن جي لاءِ يا قرآن ڪريم جي لاءِ آهي، تہ هيءُ جيڪو فرمائي رهيو آهي، اهو پنهنجي طرف ڪان نہ ٿو ٿاهي ،بلڪ الله تعاليٰ جو حڪم آهي اهو وحي آهي، پر جيڪڏهن ڪوئي چوي تہ نبيءَ جي هر ڳالهہ وحي هوندي آهي تہ پوءِ آيات عتاب ڇاجي لاءِ آهن؟جن آيتن ۾ رسول الله ﷺ جن کي فرمايو ويو آهي تہ اوهان هيءُ ڇو ڪيو، ڇا جي لاءِ ڪيوَ، هينءَ نہ ڪيو هان، تہ هاڻي انهن آيتن کي ڇا چوندو؟ جيڪڏهن پهريون ڪم وحي سان ڪيو ويو تہ هاڻي الله تعاليٰ ڇوٿو فرمائي تہ اوهان هيءُ ڇو ڪيو؟منافقن کي نبي ڪريم ﷺ جن اجازت ڏني تہ توهان ڀل جهاد تي نہ هلو، اها اجازت وحي سان هئي، يا بغير وحي جي هئي، جيڪڏهن وحي سان اجازت هئي تہ پوءِ الله تعاليٰ بعد ۾ ڇو فرمايو عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ لِمَ أَذِنْتَ لَهُمْ (توبہ 43)الله تعاليٰ اوهان کي معاف ڪيو پر اوهان انهن کي اجازت ڇو ڏني؟ جيڪڏهن وحي سان هيو الله جي حڪم سان هيو تہ پوءِ الله تعاليٰ هيءُ ڇو فرمايو( لِمَ أَذِنْتَ لَهُمْ توبہ 43) اوهان انهن کي اجازت ڇو ڏني؟ان جو مطلب آهي تہ هر ڳالهہ وحي هجي ائين ناهي، ڪجهہ ڳالهيون اجتهاد سان هونديون آهن، ( وَلَا تَكُنْ لِلْخَائِنِينَ خَصِيمًا ) ڪنهن جي حق ۾ اوهان فيصلو ڏيوٿاءِ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ (وَلَا تَكُنْ

لِلْخَائِنِينَ خَصِيمًا نساءَ 105) بدر جي قيدين کان نبي پاڪ ﷺ جن فديو ورتو تہ الله تعاليٰ فرمايو ( لَوْلَا كِتَابٌ مِنَ اللهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيمَا أَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ(انفال68)تہ هيءُ آيتون ٻڌائي رهيون آهن تہ پهريون حڪم اجتهادهيو، اهڙي طرح (وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ) مشوره ڪرڻ جو حڪم ، هيءُ آيت بہ ٻڌائي رهي آهي تہ ڪجھ ڪم اجتهاد سان مشوره سان ڪيا ويندا آهن، جيڪڏهن صرف وحي هجي تہ پوءِ مشوري جو ڪهڙو فائدو؟

اهڙي طرح هيءُ جيڪي بہ واقعا مون (حضرت حيدري شهيدؒ) عرض ڪيا تہ حديبيہ ۾ رسول الله جي لفظ ڊاهڻ جو حڪم ڏيڻ، يا قبطيہ ڪي قتل ڪرڻ جو حڪم نبي پاڪﷺ جن حضرت عليؓ کي ڏنو، يا تهجد پڙهڻ جو حڪم حضرت عليؓ کي ڏنو يا اهڙي طرح اهل بيت لاءِ 7 درهمن جو ڪاڌو وٺڻ لاءِ حضرت علي سائينؓ کي حڪم ڏنو ، تہ انهن سڀني ۾ حضرت علي سائينؓ عمل نہ ڪيو، جيڪڏهن هر حڪم وحيءَ سان آهي نبي پاڪ ﷺ جن جي هر ڳالھ وحي آهي تہ پوءِ تہ حضرت علي سائينؓ انهن سڀني حڪمن تي عمل نہ ڪيو، پوءِ علي سائينؓ جي متعلق ڇا جواب آهي؟ جيڪو جواب حضرت عليؓ لاءِ هوندو اهوئي جواب حضرت عمر فاروقؓ لاءِ هوندو

## حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ عرض مصلحت

۽ ڪڏهن هينءَ بہ هوندو آهي تہ واقعو وحي جي مطابق هوندو آهي پر سامهون عرض مصلحت آهي يا دفع مضرت، تڏهن بہ ان ڪي حڪم جي

نافرماني نہ چئبو، جيئن سورت الشعراء ۾ آهي ( وَإِذْ نَادَىٰ رَبُّكَ مُوسَىٰ أَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿10﴾ قَوْمَ فِرْعَوْنَ أَلَا يَتَّقُونَ ﴿11﴾ قَالَ رَبِّ إِنِّي أَخَافُ أَنْ يُكَذِّبُونِ ﴿12﴾ وَيَضِيقُ صَدْرِي وَلَا يَنْطَلِقُ لِسَانِي فَأَرْسِلْ إِلَىٰ هَارُونَ ﴿13﴾ وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْبٌ فَأَخَافُ أَنْ يَقْتُلُونِ ﴿14﴾ قَالَ كَلَّا فَاذْهَبَا بِآيَاتِنَا إِنَّا مَعَكُمْ مُسْتَمِعُونَ ﴿15﴾ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي فرمايو تہ تون وڃ قوم فرعون جي طرف رسول ٿي ڪري، پر حضرت موسيٰ عليہ السلام ٿو فرمائي تہ منهنجي زبان ۾ لڪنت آهي ۽ ڪجھ ڳالهائڻ ۾ تڪليف آهي شرح صدر ناهي، ۽ فرعون وارن جو مون ذمي ڪجھ حساب ڪتاب بہ آهي، مون کي خوف آهي تہ متان مون کي قتل ڪن، ( فَأَرْسِلْ إِلَىٰ هَارُونَ ) رسالت ڏيو هارون عليہ السلام کي، الله سائين جي بارگاھ ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام عرض ڪيو، اسان ٿا چئون تہ هيءُ عرض مصلحت آهي، جيڪا ان کي نظر آئي اها عرض ڪئي، هاڻي الله تعاليٰ جيڪو فيصلو ڪري قبول آهي، تہ الله تعالي فرمايو(كَلَّا فَاذْهَبَا بِآيَاتِنَا إِنَّا مَعَكُمْ مُسْتَمِعُونَ ) ائين هرگز نہ ٿيندو، اوهان ٻئي وڃو، هاڻي ائين نہ چئبو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جي حڪم کي رد ڪيو ان کي نہ مڃو ، ائين نہ چئبو،بلڪ ان کي عرض مصلحت چئبو آهي

## واقعہ معراج ۽ دفع مشقت

اهڙي طرح معراج ۾ الله تعاليٰ 50 نمازون فرض ڪيون، حضرت موسيٰ عليہ السلام جي مشوري سان نبي پاڪ ﷺ جن 45 نمازون معاف ڪرايون، هاڻي ائين نہ چئبو تہ نبي ڪريم ﷺ جن الله تعاليٰ جو

حڪم نہ ميڄو، الله جي حڪم کي رد ڪيو، ائين نہ چئبو، بلڪ ان کي دفع مضرت چئبو،

تہ واقعہ قرطاس وقت نبي پاڪﷺ جن کي تڪليف هئي،ان تڪليف کي ڏسي ڪري دفع مشقت جي ڳالھ ڪئي وئي. ان کي بي ادبي چوڻ يا حڪم کي نہ مڃڻ ائين چوڻ بي وقوفي آهي.

# رفع صوت ۽ فوق صوت ۾ فرق

سوال نبي پاڪ ﷺ جن جي سامهون آواز کي بلند ڪرڻ بي ادبي آهي

جواب: قرآن ڪريم جنهن ڪان منع ڪئي آهي اهو آهي لَا تَرْفَعُوْا أَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ(نبيءَ جي آواز کان پنهنجي آواز کي بلند ڪرڻ) يعني نبي ڪريم ﷺ جن سان ڳالھ ٿي رهي هجي يا نبي پاڪﷺ پاڻ ڳالهائي رهيا هجن ۽ هيءُ بہ ڳالهائي رهيو آهي . اِن جي منع آهي . مطلقا! رفع صوت جي منع نہ آهي. تہ هيءُ رفع صوت هيو فوق صوت النبي نہ هيو. ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جي اجازت تہ ان آيت ۾ موجود آهي ( وَلَا تَجْهَرُوْا لَهُ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ ) تہ جيئن پاڻ ۾ ڏاڍيان ڳالهائيندا آهيو ائين نبيءَ(ﷺ) سان ڏاڍيان نہ ڳالهايو. مطلب تہ پاڻ ۾ ڏاڍيان ڳالهائڻ جائز آهي.

حديث ۾ هڪ لفظ آهي( لَا يَنْبَغِي )مناسب ناهي.ڪنهن روايت ۾ آهي (لَا يَنْبَغِي عِنْدَ نَبِيٍّ )ناهي مناسب نبيءَ وٽ يا ڪنهن روايت ۾ آهي (لَا يَنْبَغِي

عِنۡدِی )ناهي مناسب مون وٽ (لَا يَنۡبَغِی) مناسب نہ آهي. تہ ڇا حرام ڪم لاءِ ائين چيو ويندو آهي تہ مناسب نہ آهي؟

## نبي پاڪ ﷺ جن تي نہ لکڻ جو الزام

جيڪڏهن الله تعاليٰ جي طرفان حڪم هيو لکڻ جو. پر نبي پاڪﷺ جن تہ ڪونہ لکرايو. پوءِ اهو الزام تہ نبي پاڪﷺ جن تي ٿيو. تہ ڪنهن جي اختلاف جي ڪري يا ڪنهن جي مخالفت جي ڪري. يا ڪنهن جي نہ مڃڻ جي ڪري نبي ڪريمﷺ نہ لکرايو. تہ ڇا حضور ڪريمﷺ ڪنهن جي چوڻ جي ڪري الله تعاليٰ جو حڪم ڇڏي ڏنو؟اهو الزام مسلمان نہ ٿو ميجي سگهي. ڇوتہ الله تعاليٰ جو هڪ حڪم بہ نبي پاڪﷺ نہ ٻڌائن يا ڪنهن وجہ جي ڪري ڇڏي ڏين ائين ٿي نٿو سگهي ڇوتہ الله تعاليٰ فرمايو ( يَا أَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغۡ مَا أُنۡزِلَ إِلَيۡكَ مِنۡ رَبِّكَ وَإِنۡ لَمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ رِسَالَتَهُ مائده 67)واقعہ قرطاس خميس جي ڏينهن ٿيو. ۽ نبي پاڪ ﷺ جن سومر جي ڏينهن وفات فرمائي.جيڪڏهن اهو لکرائڻ اهم هجي ها تہ نبي پاڪﷺ جن اُن وقت ئي يا بعد ۾ لکرائن ها. حضرت عمر فاروقؓ ۽ ٻيا جيڪي منع ڪن پيا ڇا اهي خميس کان وٺي سومر تائين وينا رهيا؟

اسان چئون ٿا تہ اهو اجتهاد هيو شفقت هئي. بعد ۾ اهو اجتهاد حضرت عمر فاروقؓجي موافقت ۾ ٿيو . جيئن بدر جي قيدين جي متعلق يا ٻيا ڪئي معاملا اهڙي طرح ٿيا. حضرت عمر فاروقؓجي مشوره کي پسند فرمايو . ان ڪري سومر تائين نبي ڪريمﷺ جن نہ لکرايو.

جيڪڏهن الله جو حڪم هيو پر حضرت عمرؓ منع ڪئي. خميس ڪان وٺي سومر تائين نبي ڪريم ﷺ موجود به آهن الله جي حڪم جي باوجود به لکرائن نه ٿا. ته ڇا(نعوذ باالله) نبي پاڪﷺ جن الله تعاليٰ جو حڪم نه مڃو؟ حضرت عمر فاروقؓ جو حڪم مڃو؟اهو الزام مسلمان سوچي به نٿو سگهي.

# سموري ڳالهه جو خلاصو

سموري ڳالهه جو خلاصو هيءُ آهي ته ان واقعي وقت حضرت عليؓ به موجود هيو حضرت عباسؓ به موجود هيو ٻيا هاشمي فرد به موجود هيا. پر ڪنهن به ڪاغذ قلم نه آندو. ۽ انهن ان ڪي محسوس به نه ڪيو. حضرت عليؓ بعد ۾ پنهنجي خلافت جي دور ۾ ان جو تذڪرو به نه ڪيو صرف حضرت عبد الله بن عباسؓ جيڪو ان وقت ٻار هو. افسوس ٿو ڪري. حضرت عباسؓ افسوس ڇونه ٿو ڪري حضرت عليؓ افسوس ڇونه ٿو ڪري. حالانڪ ان حڪم جو خصوصي طور تي مخاطب ٿي حضرت عليؓ هيو.

حڪم ٿيو گهر۾ .بيت ۾

ته مخاطب ٿيا اهل بيت. باقي ته ٻاهر وارا هيا مهمان هيا

بقول شيعن جي اهل بيت مان مراد حضرت عليؓ آهي.

سڀ ڪان وڏيڪ ويجهو گهر به حضرت عليؓ جو آهي

لکڻ جو ڪم بہ حضرت عليؓ ڪندو هو.صلح حديبيہ ۾ حضرت عليؓ لکيو هيو. حضور ڪريم ﷺ جن جوسيڪٽري بہ حضرت عليؓ هو

گهر جو فرد بہ حضرت عليؓ هو.

تہ ڪاغذ قلم ڪٽي ڏيڻ جو ڪم حضرت عليؓ جو هو. حضرت عليؓ نہ ڪيو تہ گهر وارن .مجلس وارن حضرت عليؓ کي چيو تہ ڪٽي اچ. حضرت عمر فاروقؓ حضرت عليؓ جو دفاع ڪيو. ان ۾ حضرت عمرؓ جو ڪهڙو قصور؟

# هڪ سوال

سوال هيءُ آهي تہ حضرت عليؓ ان حڪم تي عمل ڇونہ ڪيو؟ باوجود ان جي جو مخاطب بہ حضرت عليؓ هيو. ڇا حضرت عمر فاروقؓ جي منع ڪرڻ جي ڪري عمل نہ ڪيو؟

نبي ڪريم ﷺ جن فرمائن ٿا تہ هيءُ ڪم ڪر. حضرت عمر فاروقؓ چوي ٿو نہ ڪر. تہ ڇا نعوذبالله حضرت عليؓ رسول پاڪ ﷺ جي حڪم جي مقابلي ۾ حضرت عمرؓ جي حڪم کي ميجي رهيو آهي؟

اگر اُن وقت حضرت عمر فاروقؓ کان (نعوذبالله)خوف هيو تہ بعد ۾ حضرت عليؓ وٽ موقعو هيو سومرجي ڏينهن تائين وصيت لکرائڻ جو لکرائي ها؟ يا پرپٺ بہ حضرت عمرؓ کان ڊڄندا هيا؟

نبي پاڪ ﷺ جن وٽ ڪاغذ قلم نہ آندو ويو تہ سائين جن زباني ارشاد تہ فرمايو. ان ۾ حضرت علي سائينؓ جي لاءِ خلافت جي ڪا ڳالھ نہ آهي. ۽ بالفرض خلافت لڪرائن ها تہ ان جي لڪرائن ها جنهن جي حوالي مصلو ڪيائون.

ان جي لڪرائن ها جنهن ڪان خطبو ڏيارو

ان جي لڪرائن ها جنهن ڪان جمعہ پڙهايو

ان جي لڪرائن ها جنهن جي حوالي امامت ڪئي

ان جي خلافت لڪرائن ها جنهن کي حج جو امير مقرر ڪيو ويو

ڪنهن بہ ئي جي خلافت چو لڪرائن هان. واقعہ قرطاس ۾ تہ حضرت عليؓ جي خلافت جو تہ ڪوئي تعلق ئي نہ آهي. ۽ نہ ان ۾ ڪا بي ادبي آهي ۽ نہ ئي حضور ڪريم ﷺ جي ڪنهن حڪم جي ڪا خلاف ورزي آهي. اجايو ان واقعي کي گهٽ وڌ ڪر پيش ڪيو ٿو وڃي. ۽ جيڪا شيءِ تعريف جي هئي ان کي برائي سان پيش ڪيو ويو.

# سمجهڻ جي ڳالھ

سوال: حضرت عمر فاروقؓ ( حَسْبُنَا كِتَابُ اللهِ )چئي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن کي لکڻ نہ ڏنو

جواب : جيڪڏهن ( حَسْبُنَا كِتَابُ اللّٰهِ ) چوڻ غلط هيو تہ حضور خاتم المعصومين ﷺ جن چوڻ فرمايو تہ اهو چوڻ غلط آهي. نبي پاڪ ﷺ جن جي ترديد نہ ڪرڻ ان ڳالھ تي ڏس ٿي ڏئي تہ حضرت عمر فاروق رضہ جو چوڻ بلڪل صحيح هيو. ۽ ( حَسْبُنَا كِتَابُ اللّٰهِ ) چوڻ ۾ حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي طرفان جواب نہ ڏنو بلڪ سڀني مسلمانن جي طرفان گذارش ڪئي. ان ۾ حضرت فاروق اعظم رضہ سڀني جو نمائندو هو. جنهن ۾ حضرت علي رضہ بہ موجود آهي

حضرت عمر فاروق رضہ جڏهن (حَسْبُنَا كِتَابُ اللّٰهِ) فرمايو تہ اُن مان مراد صرف قرآن ڪريم جي تڪميل نہ هئي بلڪ سموري دين اسلام جي تڪميل مراد هئي (آئینہ پرویزیت143)

متان ڪوئي حديث جو منڪر هيءُ سوچي تہ ( حَسْبُنَا كِتَابُ اللّٰهِ ) جو مطلب هيءُ آهي تہ حديث رسول جي ضرورت نہ آهي .اهو مطلب وٺڻ غلط آهي. قرآن ڪريم جون ڪافي اهڙيون آيتون آهن ڇا اتي بہ اهو مطلب وٺبو؟ تہ رسول ﷺ جي ضرورت ڪونہ آهي. اهو مطلب وٺڻ ڪفر آهي

# آخري ڳالھ

صحيح بخاري يا ڪتب ستہ مان تہ اها ڳالھ واضح نہ ٿي ٿئي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن خاص فرد کي حڪم فرمايو هجي تہ ڪاغذ قلم ڪٺي اچ. البتہ امام بخاري رحہ جي استاد امام احمد بن حنبل رحہ پنهنجي

مسند ۾ هڪ اهڙي روايت واضح طور تي نقل ڪئي آهي جنهن ۾ نبي ڪريمﷺ جن حضرت عليؓ کي فرمايو تہ ڪاغذ قلم ڪڻي اچ.
حضرت عليؓ فرمايو تہ مون سوچيو تہ جيڪڏهن آءُ ڪاغذ قلم ڪڻ ويس تہ متان منهنجي وڃڻ کان پوءِ نبي پاڪﷺ جن وفات ڪري وڃن. ۽ آءُ آخري ڪلام ٻڌڻ کان رهجي ويندس . ان ڪري ڪاغذ قلم ڪڻ نہ ويس ۽ مون عرض ڪيو تہ سائينﷺ جن ارشاد فرمائن تہ آءُ اُن کي ياد ڪيان. پوءِ حضور ڪريمﷺ جن جيڪا آخري ڳالھ ارشاد فرمائي اها هيءَ هئي تہ نماز ۽ غلامن جو خيال ڪجوءِ زڪوات ڏيندا رهجو عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ، قَالَ : أَمَرَنِي النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ آتِيَهُ بِطَبَقٍ يَكْتُبُ فِيهِ مَا لَا تَضِلُّ أُمَّتُهُ مِنْ بَعْدِهِ، قَالَ : فَخَشِيتُ أَنْ تَفُوتَنِي نَفْسُهُ، قَالَ : قُلْتُ : إِنِّي أَحْفَظُ وَأَعِي . قَالَ : أُوصِي بِالصَّلَاةِ، وَالزَّكَاةِ، وَمَا مَلَكَتْ أَيْمَانُكُمْ (مسند احمد جلد 2 صفحہ 105)

نبي ڪريمﷺ جن جي آخري وصيت ۾ بہ خلافت جي ڪا ڳالھ نہ هئي ڇوتہ شيعن جي ڪتاب تهذيب الاحڪام وسائل الشيعہ ۽ ڪافي ڪُليني ۾ امام جعفر صادقؒ کان هڪ روايت نقل ٿيل آهي پاڻ فرمائن ٿا تہ عن أبي عبد الله (عليه السلام) قال : إن رسول الله (صلى الله عليه و آله) دعا بصحيفة حين حضره الموت يريد أن ينهى عن أسماء يتسمى بها ، فقبض ولم يسمها حضرت جعفر صادقؒ کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ نبي پاڪﷺ جن وفات وقت ڪاغذ قلم طلب فرمايو .نبي ڪريمﷺ جن چاهين پيا تہ ان ۾ اهي نالا لکرايان جيڪي اولاد تي نہ رکيا وڃن.

پر نبي پاڪﷺ جن وفات ڪري ويا ۽ پاڻ سڳوراﷺ اهي نالا ٻڌائي نہ سگھيا.